روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) چنڇر 27 مئي 2023ع بمطابق 06 ذوالقعد 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 361

جيڪو شخص چور چور جا نعرا هڻندو هو، اڄ پاڻ ڪرپشن ۾ پکڙيو ويو آهي: وزيراعظم

اتحاد ۾ اتفاق ۾ برڪت آهي، گذريل هڪ سال کان اتحادي حڪومت اتفاق جو مظاهرو نه ڪري ها ته صورتحال مختلف هجي ها

ڪابينا جي اتحاد ۾ اتفاق 9 مئي جي سازش کي ناڪام بڻايو، خاطري ٿو ڪرايان ته گڏجي مسئلن کي حل ڪنداسين، پاڪستان کي وڃايل مقام ٻيهر ڏيارينداسين

ڪابينا جي اتحاد ۾ اتفاق 9 مئي جي سازش کي ناڪام بڻايو، خاطري ٿو ڪرايان ته گڏجي مسئلن کي حل ڪنداسين، پاڪستان کي وڃايل مقام ٻيهر ڏيارينداسين

9 مئي جي سازش جا پيرا سمنڊ پار ملن ٿا، جيڪو شخص چور چور جا نعرا هڻندو هو، اڄ پاڻ ڪرپشن ۾ پکڙيو ويو آهي

ملڪ اندر ڇاڻي واڙي ڏڦيڙ پکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن جي پڇاڻي 9 مئي تي ٿي، سازش جا پيرا سمنڊ پار ملن ٿا

انصاف جو طريقو اهو ئي آهي ته جيڪو 6 جنوري 2021 ۾ واشنگٽن ۾ ڪيپيٽل هل ۾ ٿيو ۽ ان تي جيڪي سزائون ڏنيون ويون اهي جائز آهن ته هتي به جائز آهن

سمنڊ پار ملن ٿا، وزيراعظر شهباز شريف ڪراچي لاءِ پاڻي جي فراهمي بابت ڪي 4

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف ڇيو آهي ته 9 مئي جي سازش جا پيرا

منصوبي جي پيڙهه جو پٿر رکي ڇڏيو ان موقعي تي خطاب ڪندي هن ڇيو ته اتحاد ۽ اتفاق ۾ برڪت آهي، گذريل هڪ سال کان اتحادي حڪومت اتفاق جو مظاهرو نه ڪري ها ته صورتحال مختلف هجي ها، ڪابينا جي اتحاد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: وزيراعظر شهباز شريف پاڻي جي فراهمي بابت ڪي 4 منصوبي جي پيڙهه جو پٿر رکڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي

وفاقي حڪومت ليپ ٽاپ اسڪيم ٻيهر شروع ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (ر ڊ) وزيراعظر جي نوجوانن جي معاملن بابت خاص مددگار شزا فاطمه ليپ ٽاپ اسڪيم ٻيهر شروع ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو پريس ڪانفرنس ڪندي شزا فاطمه ڄيو ته ن ليگ هر دور ۾ نوجوانن کي بااختيار بڻايو، انهن جي بهتر مستقبل لاءِ منصوبا شروع ڪيا، 2013 ۾ نواز شريف يوٿ پروگرام شروع ڪيو، نوجوانن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

نَو مئي واقعن جي سازش بالاول هائوس، رائيونڊ يا نائين زيرو ۾ ٿئي ها ته ڪهڙو ردعمل هجي ها: بلاول

پي ٽي آءِ جي لانگ مارچ دوران به ماڻهو هٿيار کڻي گهمي رهيا هئا پر حڪومت ايڪشن نه ورتو

وزيراعظم فارن فنڊنگ ڪيس ۽ القادر ٽرسٽ ڪيس جي بنياد تي پي ٽي آءِ تي پابندي لڳائي پئي سگهيو پر اسان نه چاهيو ته سياسي انتقام جو تاثر وڃي ۽ هڪ بُرو مثال قائم ٿئي

ملڪ جو سسٽم ڪان غير مقبول ادارو واپڊا آهي، جنهن سبب اسان جا ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز تڪن ۾ نٿا وڃي سگهن

ڪي فور منصوبي تي قائم علي شاهه جي دور کان رڳو بريفنگ ڏني ويندي آهي، مان پاڻ ملڪ جو پرڏيهي وزير هوندي پنهنجي گهر لاءِ ٽئنڪر جو پاڻي خريد ڪندو آهيان

وزيراعظم صاحب! ڪي فور منصوبي جي حوالي سان شهباز اسپيڊ جي ضرورت آهي، اسان توهان ڏانهن واجهائي رهيا آهيون

توهان پنهنجي هڪ ٽيم ناهيو، جيڪا مسئلن کي حل ڪري، وزيراعظم ڪي سنڌ جي ٻن وڏين جماعتن جي حمايت حاصل آهي

ڪراچي (ر ڊ) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ڇيو آهي ته 9 مئي واقعن کي نظرانداز ڪيو ويندو، جيڪڏهن 9 مئي واقعن جي سازش ڪندڙ ملڪ هالٽ ڏکيوئي نه ناممڪن ٿي ڇڏيو ته 9 مئي جي سازش ڪامياب ٿي ويندي، بلاول هائوس، رائيونڊ يا نائين زيرو ۾ ٿئي ها ته ڪهڙو ردعمل هجي ها؟ ڪراچي ۾ پاڻي جي فراهمي جي اسڪيم کي فور جي پيڙهه جو پٿر رکڻ واري تقريب سان خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري ڇيو ته پي ٽي آءِ جي لانگ مارچ دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي :ل پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

جهانگير ترين جو نئين سياسي جماعت ناهڻ جو فيصلو

نئين پارٽي جو پيٽرن انچيف جهانگير ترين پاڻ هوندو : ذريعا

ترين گروپ کانسواءِ پي ٽي آءِ جي ڪيترن ئي ڪاوڙيل اڳواڻن جو پارٽي ۾ شموليت جو امڪان

لاهور (ر ڊ) تحريڪ انصاف جي اڳوڻي اڳواڻ جهانگير ترين قومي سطح تي نئين سياسي جماعت ناهڻ جو فيصلو ڪري ورتن، ذريعن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عمران خان جي رپورٽن ۾ ڪوڪين ۽ شراب جو وڏي پئماني تي استعمال سامهون آيو آهي: عبدالقادر پٽيل

گرفتاري ڪانپوءِ عمران خان کي پمز اسپتال نيو ويو هو ۽ سندس معائني لاءِ پمز ۾ ميڊيڪل بورڊ به ٺاهيو ويو هو

عمران خان 5 ڪان 6 مهينا پلستر لڳائي گهمندو رهيو پر ڪنهن فريڪچر جو رپورٽ ۾ ذڪر ناهي

شروعاتي رپورٽ ۾ ٽاڪسنگ شيون، جن ۾ شراب ۽ ڪوڪين جو وڏي پئماني تي استعمال سامهون آيو آهي

رپورٽ ۾ اهو به چيو ويو آهي ته عمران خان جي ذهني حالت تي سوالڀيا نشان آهي، سنڊس حرڪتون فٽ ماڻهو جون ناهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صحت بابت وفاقي وزير عبدالقادر پٽيل تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي ميڊيڪل رپورٽ ميڊيا سامهون پيش ڪري ڇڏي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي عبدالقادر پٽيل چيو ته جمهوري حڪومت ۾ هر دستاويز پبلڪ دستاويز هوندو آهي. گرفتاري ڪانپوءِ عمران خان کي پمز اسپتال نيو ويو هو ۽ سندس معائني لاءِ پمز ۾ ميڊيڪل بورڊ به ٺاهيو ويو هو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: صحت بابت وفاقي وزير عبدالقادر پٽيل پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ظالم اسرائيلي فوج فلسطينين جو سجو ڳوٽ ڍاهي پٽ ڪري ڇڏيو

غزه (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ظالم اسرائيلي فوج فلسطينين جي سجي ڳوٽ کي ڍاهي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي ماڻهو بي گهر ٿي ويا آهن. اسرائيل جا فلسطين ۾ جنگي ڏوهه جاري آهن. صيهوني فوج ظلم ڪندي والاريل اولهه ڪناري فلسطينين جي ڳوٽ کي ڍاهي پٽ ڪري ڇڏيو. پرڏيهي خابرو اداري موجب عين سمايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: 33 جوابدار فوجي عملدارن حوالي، 6 ڪيس فوجي عدالتن ۾ هلائي سگهجن ٿا: گهرو وزير

دفاعي ايرياز ۾ ويلن جو ٽرائل آرمي ايڪٽ ۽ بين جو لاڳاپيل عدالتن ۾ ٽرائل ڪيو ويندو : راڻا ثناءَ الله

سازش تحت پاڪستان جي سياست کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

عمران خان هڪ فتنو آهي، قوم ڪيس نه سجاتو ته وڌيڪ خطري ۾ وجهي ڇڏيندو : اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (ر ڊ) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءَ الله چيو آهي ته دفاعي ايرياز ۾ ويلن جو ٽرائل آرمي ايڪٽ ۽ بين جو لاڳاپيل عدالتن ۾ ٽرائل ڪيو ويندو. 9 مئي واقعن جي 499 ايف آءِ آرز مان 6 جو ٽرائل فوجي عدالتن ۾ ٿي سگهي ٿو، اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءَ الله چيو ته 9 مئي جي سازش ۾ ملوث 19 ۽ پي ٽي آءِ جي 14 جوابدار ملٽري ڪورٽس حوالي ڪيا ويا آهن. 33 جوابدارن ڪي فوجي عملدارن حوالي ڪيو ويو آهي وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءَ الله چيو ته سازش تحت پاڪستان جي سياست کي خراب ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پاڪستان ۾ تشدد ۽ گرفتارين جون خبرون پريشان ڪنديون آهن: ڏيل قومون

پاڪستان جي موجوده صورتحال گهري ڳڻتيءَ جو سبب آهي، پاڪستان ۾ قانون جي حڪمراني کي سخت خطرو آهي

پاڪستاني حڪومت جو شهرين تي ڪيس هلائڻ لاءِ فوجي عدالتن جو استعمال ڳڻتي جوڳو آهي

اڳوڻي وزيراعظر عمران خان جي دعويٰ آهي ته پاڪستان کي مڪمل لاقانونيت ۾ ڌڪيو ويو آهي

جنيوا (ر ڊ) ڏيل قومن جي انساني حقن بابت هاءِ ڪمشنر وولڪر ترڪ ڇيو آهي ته پاڪستان جي موجوده صورتحال گهري ڳڻتيءَ جو سبب آهي، پاڪستان ۾ قانون جي حڪمراني کي سخت خطرو آهي، جنيوا ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اي سي ايل ۾ نالو وجهڻ تي حڪومت جو شڪر گذار آهيان: عمران خان

پرڏيهه وڃڻ جو ارادو ناهي چوته منهنجي پرڏيهه ۾ ملڪيت، ڪاروبار ۽ بئنڪ اڪائونٽ ناهي

جيڪڏهن موقعو مليو ته ملڪ جي اترين علاقن ۾ موڪلون گذاريندس، جيڪا منهنجي پسنديده جڳهه آهي

لاهور (ر ڊ) تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان ڇيو آهي ته منهنجو نالو اي سي ايل ۾ وجهن تي حڪومت جو شڪر گذار آهيان، ان حوالي سان عمران خان سوشل ميڊيا تي لکيو ته پرڏيهه وڃڻ جو ارادو ناهي چوته منهنجي پرڏيهه ۾ ملڪيت، ڪاروبار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪراچي: پيٽروليم بابت مملڪتي وزير مصدق ملڪ نجي ٽي وي چئنل جي پروگرام ۾ ڳالهائي رهيو آهي

ايندڙ 15 ڪان 20 ڏينهن ۾ پاڪستان ۾ روسي تيل هوندو: مصدق ملڪ

گئس تي 1700 ارب رپين جو گردشي قرض هو، اسان گئس تي گردشي قرض کي ٻڙي ڪري ڇڏيو

تاريخ ۾ پهريون پيرو به روسي وزير 86 رڪني وفد سان گڏ پاڪستان آيا، روس مان رعايتي قيمت تي تيل ملي رهيو آهي

بجيٽ ۾ ننڍي ڪاروبار وارن کي سهولتون ڏيڻ تي غور ڪري رهيا آهيون

ڪراچي (ر ڊ) پيٽروليم بابت مملڪتي وزير مصدق ملڪ ڇيو آهي ته روس مان رعايتي قيمت تي تيل ملي رهيو آهي، روس مان رعايتي قيمت تي تيل ملي رهيو آهي ۽ ايندڙ 15 ڪان 20 ڏينهن ۾ پاڪستان ۾ روسي تيل هوندو ملڪ ڇيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

تحريڪ انصاف اڳواڻ فردوس عاشق اعوان پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

مان شرمسندن جي ڪارروائين سبب پي ٽي آءِ ڇڏي رهي آهيان: فردوس عاشق اعوان

عمران خان جي ايجنڈا پاڪستان لاءِ زهر بڻجي وئي آهي، عمران ۽ پاڪستان گڏ نٿا هلي سگهن

9 مئي واقعن جي آزاداڻي جاچ ڪري ذميوارن کي سزا ڏني وڃي : اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (ر ڊ) تحريڪ انصاف اڳواڻ فردوس عاشق اعوان به پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي فردوس عاشق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

تحريڪ انصاف اڳواڻ فردوس عاشق اعوان

ملڪ ۾ سون جي في تولو قيمت ۾ معمولي گهٽتائي

في تولو 250 رپيا گهٽتائي ٽيڻ بعد 2 لک 35 هزار 750 رپين جو ٿي ويو

ڏهه گرام سون جي قيمت 214 رپيا گهٽجڻ بعد 2 لک 2 هزار 118 رپيا آهي

ڪراچي (ر ڊ) ملڪ ۾ سون جي في تولو قيمت ۾ اڄ به گهٽتائي سامهون آئي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سيف الله نيازي ۽ ابرار الحق پاران پي ٽي آئي ڇڏڻ جو اعلان

مان تحريڪ انصاف ڇڏي رهيو آهيان، هڪ سال دوران مان تمام گهٽو پريشان رهيو آهيان : سيف الله نيازي

جڏهن الله مون کي شهرت ڏني ته منهنجي خواهش هئي ته پاڪستان لاءِ ڪجهه ڪريان : ابرار الحق

منهنجي عادت آهي ته شهيدن جي تصوير کي سلامي پيش ڪريان ٿو : پريس ڪانفرنس

اسلام آباد/لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيف ڪوآرڊينيٽر سيف الله نيازي به پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سيف الله نيازي ڇيو ته مان تحريڪ انصاف ڇڏي رهيو آهيان، هن ڇيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءَ الله سان مارڪيٽ ڪميٽي جو چيئرمين محمد ساجد عباسي ملاقات ڪندي

اسڪول جي ماسترياڻين ۾ چتي ويڙهه، ڪپڙا لٽڙون، وڊيو وائرل

ڪراچي (ر ڊ) اسڪول ۾ ٻن ماسترياڻين جو جهيڙو ٿي ٻيو ۽ پنهنجي هڪ ٻئي تي چمائن جو ۽ سڪارو لائي ڏڻ ڀهارجي راڄڌاني پٽنا ۾ اهم معاملو پيش آيو. اسڪول پرنسپال ۽ ٽيچر وچ ۾ ذاتي رنجش ۽ پرائي تڪرار تان هن پيري چتو جهيڙو ٿيو ۽ پنهنجي هڪ ٻئي لٽون ۽ ڪٽون به هنيون. پنهنجي هڪ ٻئي کي ليٽائي ڪٽڪر ڏنو جنهن جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڏوکري جي عدالت ۾ فائرنگ، طلاق ڪيس جي ٻڌڻي تي پهتل ناري قتل

23 ورهين جي تهمينا سانگهرو کي ڏيرايا جتوئي ۽ ٻين جوابدارن قتل ڪيو

ڏيءَ طلاق جي ڪيس ۾ عدالت آئي هئي : مقتولا ناري جو والد محمد صالح سانگهرو

ڏوکري (رپورٽر) ڏوکري جي عدالت ۾ فائرنگ، طلاق ڪيس جي ٻڌڻي تي پهتل ناري قتل ٿي ويو. عورت جي سڃاڻپ بينظير ڪالوني واسي 23 ورهين جي تهمينا سانگهرو مارجي وئي، مقتولا ناري جي والد محمد صالح سانگهرو جو ڇوڪرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

نيو سعيد آباد پرسان ڪارنهن الزام هيٺ ناري ۽ سندس ويڳي پاءُ کي قتل ڪرڻ جو انڪشاف

ڪوٽ اول ڇڪر ۾ ڪارنهن الزام هيٺ ناري کي نشو ڏئي روهڙي ڪٽنال ۾ لوڙهڻ جو انڪشاف ٿيو

جوابدار طالب لاکو ۽ سندس پٽ مشتاق کي گرفتار ڪري ورتو آهي : پوليس

نيو سعيد آباد (رپورٽر) نيو سعيد آباد پرسان ڪارنهن الزام هيٺ ناري کي روهڙي ڪٽنال ۾ لوڙهڻ جو انڪشاف ٿيو آهي ڪوٽ اول ڇڪر ۾ ڪارنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڏوکري ويجهو ڪوٽ خيرو جهتيال مان ناري مبينا اغوا

ڪوٽ خيرو جهتيال مان ناري مبينا اغوا ٿي وئي، اغوا جي اين سي داخل ڪئي وئي

ناري جي والد پاران خدا بخش جهتيال، شوڪت جهتيال، پيار علي جهتيال ۽ ٻين خلاف اين سي داخل

ڏوکري (رپورٽر) ڏوکري ويجهو ڪوٽ خيرو جهتيال مان ناري مبينا اغوا ٿي وئي. ڪوٽ خيرو جهتيال مان ناري مبينا اغوا ٿي وئي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

حڪومت ججز ۾ اختلاف پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي: چيف جسٽس جا ريمارڪس

وفاقي سرڪار عدليه جي معاملي ۾ ڪوارٽرز جو خيال ڪري : چيف جسٽس عمر عطا بندیال

انڪوائري ڪميشن ۾ حڪومت پاڻ ججز چونديا، اُن کان اڳ ٽن نوٽيفڪيشنز ۾ حڪومت ججز جا نالا تجويز ڪيا

ايڪٽ 2017 کي چئلينج نه ڪيو ويو آهي (اٽارني جنرل) فون ٽيپنگ هڪ غيرآئيني عمل آهي : چيف جسٽس

اسلام آباد (ر ڊ) چيف جسٽس چيو آهي ته حڪومت ججز ۾ اختلاف پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، وفاقي سرڪار عدليه جي معاملي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس عمر عطا بندیال

آڊيو ليڪس عدالتي ڪميشن خلاف درخواستن تي فيصلو محفوظ

چيف جسٽس ٻڌڻي دوران ڪميشن جي قيام کي آرٽيڪل 209 جي پيڪڙي قرار ڏئي ڇڏيو

ڪميشن جو قيام آرٽيڪل 209 جي پيڪڙي آهي : چيف جسٽس

اسلام آباد (ر ڊ) سپريم ڪورٽ آڊيو ليڪس عدالتي ڪميشن خلاف درخواستن تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو، چيف جسٽس ٻڌڻي دوران ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سنڌ حڪومت سي واٽر ريورس اوسموسس پلانٽ لڳائيندي: مراد علي شاهه

ڪي فور ٽا ڪي مڪمل ڪرڻ لاءِ جلد فنڊز جاري ڪرڻ ڪي يقيني بڻايو وڃي

خدشو آهي ته منصوبي ۾ ديرٿي سگهي ٿي، شيڊول اوورن سبب لاڳت ۾ اضافو وڌي سگهي ٿو

ڪراچي شهر ڪي روزانو 1200 ايم جي ڊي پاڻي جي گهرج آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڇيو آهي ته ڪراچي ڪي روزانو 600 ملين گيلن پاڻي ملي رهيو آهي جڏهن ته گهرج 1200 ايم جي ڊي آهي جيڪو 600 ايم جي ڊي پاڻي جي ڪٽ ٿو ڪراچي ۾ تيزي سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: خاتون اول بيگم ثميرا علوي اجلاس دوران گالهائي رهي آهي

پي ٽي اي جا گهوٽڪي ۾ بي چاپا، غيرقانوني انٽرنيٽ سروس خلاف ڪارروائي

ڪراچي (ر ڊ) پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي (پي ٽي اي) انٽرنيٽ سروس جي غير قانوني فراهمي جي خاتمي لاءِ ڪارروايون ڪيون اهن. پي ٽي اي وفاقي جاچ اداري سان گڏجي گهوٽڪي ۽ لاهور جي علاقي جوهر ٽائون ۾ سرچ آپريشن ڪري چاپا هنيا. گهوٽڪي ضلعي جي ظفر بازار روڊ تي قائم غير قانوني انٽرنيٽ سروس فراهر ڪندڙ ڪمپني تي چاپو هنيو ويو. جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ميهڙ جي عدالت ۾ فائرنگ، حاضري تي آيل 2 پائرسٽ سميت قتل، 3 جوابدارن گرفتاري ڏئي ڇڏي

فائرنگ ۾ خيرپورناٿن شاهه جي ڳوٺ چوڙ قمبر واسي زاهد، سندس پاءُ محبوب ۽ سٽ ستار کونهارو قتل ٿي ويا

فائرنگ سبب وڪيلن ۽ عملي ۾ ياڃ پئجي وئي، جوابدار اشرف، ضمير ۽ ستار کونهارو گرفتاري ڏئي ڇڏي

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ جي عدالت ۾ فائرنگ، حاضري تي آيل 2 پائرسٽ سميت قتل ٿي ويا. ميهڙ جي عدالت ۾ هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني، حاضري تي آيل 2 پائر سٽ سميت قتل ٿي ويا. فائرنگ ۾ هڪ اهلڪار زخمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ثمرت ڪمار جي اغوا انتهائي درندگي ۽ دهشتگردي آهي: ايياز لطيف پليجو

پيپلز پارٽي حڪومت ڏاڙيل راڄ جي خاتمي ۾ مڪمل ناڪام ٿي چڪي آهي

پوليس کي ناقص هٿيار ۽ گاڏيون ڏيڻ جي ڪري پوليس به محفوظ ناهي

حڪمران وڏن پروٽوڪولز ۾ هلن ٿا، انهن جي گهرن اڳيان گارڊ مقرر آهن

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراه ايياز لطيف پليجي ڪنڊڪوٽ مان معصوم پارٿمرت ڪمار جي اغوا واقعي کي انتهائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

پشاور ۾ ريڊ زون کي سڪيورٽي سرڪل بڻائڻ جو فيصلو

پشاور جي ڪينٽ واري علاقي جي ريڊ زون ۾ اسپيشل سڪيورٽي يونٽ جا دستا مقرر ڪيا ويندا : پوليس

اسپيشل سيڪيورٽي فورس ايس پي رينڪ جي آفيسرن جو هڪ يونٽ هوندو

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبرپختونخواهه جي راڄڌاني پشاور ۾ پوليس ريڊ زون جي سيڪيورٽي جو ذائرو بڻائڻ جو فيصلو ڪيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪنڊڪوٽ ۾ هندو نياڻي سميت 35 ڇٽا اغوا، وارٽن جو احتجاج

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) 5 ڏينهن اڳ هٿياربندن هٿان مرزاپور پاڙي مان اغوا ڪيل هندو نينگر ثمرت ڪمار جي اغوا خلاف ۽ سنڊس جي بازيابي لاءِ جماعت اسلامي پاران غلام مصطفي ميراڻي، حافظ نصر الله ڄتا ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ وارڻن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

موجوده مالي سال پاڪستان ۾ هر هڪ جي آمدني ۾ وڏي گهٽتائي

موجوده مالي سال هر هڪ جي آمدني 1568 ڊالر رهي

ملڪي معيشت جي مجموعي ڪاٽي ۾ 33.4 ارب ڊالرن جي گهٽتائي رڪارڊ ٿي

اسلام آباد (ر ڊ) موجوده مالي سال ۾ پاڪستان ۾ هر هڪ جي آمدني ۾ 198 ڊالرن جي گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي. ڇڪتائي موجوده /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: وفاقي وزير خواجه سعد رفيق سان سعودي سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

آدمشماري ذريعي سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي: رياض چانڊيو

سنڌي ٻڌين درجي جا شهري ٿين اهو ڪنهن به صورت قبول ناهي

نادرا ڪراچيءَ ۾ 40 لک پاسپورٽ ۽ قومي شناختي ڪارڊ ڏنا آهن

لاڙڪاڻا (بيورو رپورٽ) جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو طرفان 28 مئي تي ڊجيٽل آدمشماري سميت ٻين مسئلن خلاف اعلاميل هڙتال جي سلسلي ۾ لاڙڪاڻا پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڇيو آهي ته سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

لاڙڪاڻا: جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

سنڌ پوليس ۾ ايس پي ۽ ڊي ايس پي سطح جي آفيسرن جون مقرريون ۽ بدليون

اصغر علي جٽ کي بدين هيڊ ڪوارٽر ايس پي مقرر ڪيو ويو

ٽرپار ڪر چاڇرو جي ايس ڊي پي او محمد عارف پٽي کي بدلي ڪري هالا مقرر ڪيو ويو

ڪراچي (ر ڊ) سنڌ پوليس ۾ ايس پي ۽ ڊي ايس پي سطح جي آفيسرن جون مقرريون ۽ بدليون ڪيون ويون آهن، سي پي او پوسٽنگ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي جي قائد آباد واري علاقي ۾ عورت پٽ سميت قتل

گوشت مارڪيٽ ۾ جوابدارن گهر ۾ گهڙي 33 ورهين هي فائرنگ ڪري ڏيڏ سال جي ذوهان کي قتل ڪري ڇڏيو

جوابدارن نينگر جو مڙهه پاڻي جي ٽانڪي ۾ اڇلي ڇڏيو، پوليس پهچي لاش اسپتال منتقل ڪيا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي قائد آباد واري علاقي ۾ عورت پٽ سميت قتل ٿي وئي، گوشت مارڪيٽ ۾ جوابدارن گهر ۾ گهڙي 33 ورهين هي فائرنگ ڪري ڏيڏ سال جي ذوهان کي قتل ڪري ڇڏيو جوابدارن نينگر جو مڙهه پاڻي جي ٽانڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: نائب وزير وفاقي وزير اسحاق ڈار سان آمريڪي سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪنڊ ڪوٽ ۾ هندو نياڻي سميت 35 ڇٽا اغوا، وارٽن جو احتجاج

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) 5 ڏينهن اڳ هٿياربندن هٿان مرزاپور پاڙي مان اغوا ڪيل هندو نينگر ثمرت ڪمار جي اغوا خلاف ۽ سنڊس جي بازيابي لاءِ جماعت اسلامي پاران غلام مصطفي ميراڻي، حافظ نصر الله ڄتا ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ وارڻن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪوري ويجهو ڪوٽ خيرو جهتيال مان ناري مبينا اغوا

ڪوٽ خيرو جهتيال مان ناري مبينا اغوا ٿي وئي، اغوا جي اين سي داخل ڪئي وئي

ناري جي والد پاران خدا بخش جهتيال، شوڪت جهتيال، پيار علي جهتيال ۽ ٻين خلاف اين سي داخل

ڪوري (رپورٽر) ڪوري ويجهو ڪوٽ خيرو جهتيال مان ناري مبينا اغوا ٿي وئي. ڪوٽ خيرو جهتيال مان ناري مبينا اغوا ٿي وئي. اغوا جي اين سي داخل ڪئي وئي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

نيو سعيد آباد پرسان ڪارنهن الزام هيٺ ناري ۽ سندس ويڳي پاءُ کي قتل ڪرڻ جو انڪشاف

ڪوٽ اول ڇڪر ۾ ڪارنهن الزام هيٺ ناري کي نشو ڏئي روهڙي ڪٽنال ۾ لوڙهڻ جو انڪشاف ٿيو

جوابدار طالب لاکو ۽ سندس پٽ مشتاق کي گرفتار ڪري ورتو آهي : پوليس

جوابدارن باسيو آهي ته ناري پنهنجي ويڳي پاءُ مان پنج مهينن جي ڪوهاري ٿي وئي هئي

نيو سعيد آباد (رپورٽر) نيو سعيد آباد پرسان ڪارنهن الزام هيٺ ناري کي روهڙي ڪٽنال ۾ لوڙهڻ جو انڪشاف ٿيو آهي ڪوٽ اول ڇڪر ۾ ڪارنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

رسول بخش پليجي جي ورسي، دعوت نامو ڏيڻ جو سلسلو جاري

ڪراچي/ حيدرآباد (پ ر) رسول بخش پليجو صاحب مظلوم قومن ۽ طبقن جو عظيم آگواڻ، سندس ورسي جي جلسي عام ۾ ملڪ گير سياسي اڳواڻن ۽ شخصيتن کي دعوتون ڏيڻ جو سلسلو جاري. ان سلسلي ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪنڊڪوٽ ۾ مرزا پور پاڙي مان اغوا ٿيل هندو نينگر ثمرت ڪمار جي اغوا خلاف احتجاج

جماعت اسلامي پاران غلام مصطفي ميراڻي، حافظ نصرالله چنا ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

ضلعي ۾ ڏاڙيل راڄ قايم ٿي چڪو آهي عوام سان گڏ عوام جا محافظ به غير محفوظ آهي: آهي

ضلعي ۾ فوجي آپريشن ڪري سمرت ڪمار سميت سمورن مغوين کي جلد بازياب ڪرايو وڃي: مظاهرين

ڪنڊڪوٽ (غالب بلوچ) 5 ڏينهن اڳ نينگر ثمرت ڪمار جي اغوا خلاف ۽ سندس جي هٿياربندن هٿان مرزا پور پاڙي مان اغوا ٿيل هندو بازيابي لاءِ جماعت اسلامي پاران غلام مصطفي ميراڻي، حافظ نصرالله چنا ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پارڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪنڊڪوٽ: اغوا ٿيل ريل سمرت ڪمار جي بازيابي لاءِ پارڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور ۾ بي سيڪشن ٽاڪي جي حد ڇوٽ صدورو ٽاڪي جي حد ڇوٽ صدورو جانوري جو رهواسي گم

خيرپور (رپورٽر) بي سيڪشن ٽاڪي جي حد ڇوٽ صدورو جانوري جو رهواسي نوحوان حسين بخش پت جمالدين جانوري ٽن ڏينهن کان پر اسرار نموني لاپتہ ٿي ويو آهي هن سلسلي ۾ حسين بخش جانوري جي وارثن ميڊيا سان ڳالهائيندي سندس اغوا جو شڪ ظاهر ڪيو آهي. وارثن جو چوڻ آهي ته حسين بخش جي گهر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ناپرڪوٽ تاڪي جي حد ۾ اڻڄاتل هٿياربندن جي فائرنگ ۾ شهيد اهلڪار مٽي ماڻ حوالي

غوثپور واسي پورهيت اميربخش ملڪ جي جنازي نماز شهر جي جامع مسجد ۾ ادا ڪئي وئي

امجد احمد شيخ پي اي سو ملڪ عباس سيد محبوب علي شاهجيلاني ۽ ٻين پاران شرڪت ڪئي وئي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور ناپرڪوٽ تاڪي جي حد ۾ اڻڄاتل هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويل غوثپور واسي پورهيت اميربخش ملڪ جي جنازي نماز شهر جي جامع مسجد ۾ ادا ڪئي وئي، ملڪ عباس سيد محبوب علي شاهجيلاني پڙهائي شهيد اميربخش جي جنازي نماز ۾ ايس ايس پي شڪارپور امجد احمد شيخ پي اي سو ملڪ عباس سيد محبوب علي شاه جيلاني، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سلطانپور صالحاڻي ڪينٽ بائي پاس روڊ تان 2 ڏينهن اڳ چوري ٿيل سامان هٿ

پوليس سلطانپور پرسان هڪ گهر تي چڙهائي ڪري چوري ٿيل سامان هٿ ڪري ورتو

تارون ۽ لائيٽون پٽن تا هڪ وڏو گروه آهي جيڪي تعلقي اندر ڪرمنل ڪم ڪن تا: عملدار

چورن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري ڏوهارين ۽ چورن کي ڪنهن به قيمت تي بخش نه ڪيو ويندو

سلطانپور (رپورٽ قربان مهر) سلطانپور صالحاڻي ڪينٽ بائي پاس روڊ تان به ڏينهن اڳ لڪل سولر لائيٽ چوري ڪينٽ پوليس سلطانپور پرسان هڪ گهر تي چڙهائي ڪري چوري ٿيل سامان هٿ ڪري ورتو تفصيل موجب سلطانپور صالحاڻي ڪينٽ بائي پاس روڊ تان به ڏينهن اڳ لڪل سولر لائيٽ چوري ڪينٽ پوليس شڪ جي بنياد تي ڪجه ماڻهو پڪڙي ٽاڻي تي ڪشي وڃي هئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سلطانپور: پوليس پاران هٿ ڪيل چوري ٿيل سامان

ايريگيشن ورڪرز يونين نصرت ڊويزن نوابشاهه پاران احتجاجي مظاهرو

نوابشاهه (رپورٽر) ايريگيشن ورڪرز يونين نصرت ڊويزن نوابشاهه پاران پنهنجي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ محمد عثمان ڏاهري، امام بخش سيال، احمد خان چانڊيو، فقير گدا حسين، علي بخش ڏاهري، رضا محمد چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٻڌي ڏينهن به نواب شاهه پريس ڪلب باهران علامتي بک هڙتال ڪئي وئي، ان موقعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ميڙ جي عدالتي احاطي ۾ ٻن پائرن سميت 3 ڄڻا قتل هڪ پوليس اهلڪار سخت زخمي

هٿياربندن زاهد ڪونهاري، محبوب علي ۽ سوٽ عبدالستار ڪونهاري کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو

جوابدارن اشرف ڪونهاري، عبدالستار ۽ ضمير ڪونهاري پڇ ويڙ ٻدران پاڻ کي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي پوليس جاچ ڪري رهي آهي جوابدار گرفتار ٿي ويا آهن: عبدالخالق پيرزادو

داد(ن سنڌيار) ميڙ جي عدالتي احاطي ۾ ٻن پائرن سميت 3 ڄڻا قتل هڪ پوليس اهلڪار سخت زخمي ٽن جوابدارن پاڻ کي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو معلوم ٿيو آهي ته 2 سال اڳ خيرپور ناٿن شاه باءِ پاس ٿي ٻن جٿن حاجي نظير ڪونهاري ۽ مختيار احمد کي ٻڌيءَ ٿي آندو ويو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل جي گورننگ باڊي جو 46 هون اجلاس، اهم معاملن تي ڳالهيون

باڊي جو 46 هون اجلاس پي اي سي چيئرمين انجنيئر محمد نجيب هارون جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو

اجلاس دوران گورننگ باڊي جي ميمبرن پاران ڪيترن ئي اهم معاملن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو

ٻنهي شعبن جي وچ ۾ ويجهي تعاون کي يقيني بڻائڻ لاءِ فعال قدمن تي عمل ڪيو وڃي: اڳواڻن جون ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (پي اي سي) جي گورننگ باڊي جو 46 هون اجلاس پي اي سي چيئرمين انجنيئر محمد نجيب هارون جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو، جنهن ۾ سڄي ملڪ مان گورننگ باڊي (پي او جي) /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪراچي: پي اي سي پاران ڪوڊايل اجلاس جو ڏيک

تالپرو ڏا پرسان ڇوٽ پيردينڊار جو رهواسي اسپيشل پوليس جو اهلڪار فوت

تالپرو ڏا (رپورٽر) تالپرو ڏا پرسان ڇوٽ پيردينڊار جو رهواسي اسپيشل پوليس جو اهلڪار محمد اسماعيل اولڻ اوچتو دل جو دورو پوڻ سبب فوت اوچتي وفات ٿي گهر ۽ ڇوٽ ۾ سوڳ طاري ٿي ويو جنازي نماز ۾ وڏي اڇ ۾ ماڻهن جي شرڪت اشڪبار اکين سان ابائي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو موجب تالپرو ڏا پرسان ڇوٽ پيردينڊار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سکر ۾ پاڪستان جي رياستي دفاعي ادارن سان اظهار يڪجهتي شاندار ريلي ڪڍي وئي

اسٽيڊيم ڪان پريس ڪلب سکر تائين تمام سياسي مذهبي جماعتن ۽ سماجي تنظيمن پاران ريلي

يادگارين کي ٽوڙڻ ۽ سرڪاري عمارتن کي نقصان پهچائڻ جي سخت لفظن ۾ مزمت ڪيون تا: مظاهرين

شرپسندن پاران ڪيل حملو ناقابل برداش آهي شهيدن ۽ غازين جي قربانين کي وساري نٿو سگهجي: ڳالهيون

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان ۽ پاڪستان جي تمام رياستي دفاعي ادارن سان اظهار يڪجهتي شاندار ريلي ڪڍي وئي، اسٽيڊيم ڪان پريس ڪلب سکر تائين تمام سياسي مذهبي جماعتن ۽ سماجي تنظيمن جي شرڪت پاڪ فوج زندا آباد جا نعرا آرمي چيف جي تصويرن تي گلن جي ورڪا ڪري اظهاري يڪجهتي ڪئي وئي نفسيل موجب، پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

شهيد عبدالرحمان لاشاري حسين ڏينهن سنڌي قوم لاءِ جدوجهد ڪندي گذاريا: نئون ڪوٽ ۾ تقريب

شاگرد جدوجهد جو عظيم هيرو هو جنهن کي 1990 ۾ حيدرآباد جي دهشتگردن شهيد ڪري ڇڏيو

نئون ڪوٽ لڳ عوامي تحريڪ جي اڳواڻن ايار ڪوسو، اشرف رند، رحمان نهڙيو، لولڪاڻي پاران پيٽا پيش

پليٽ فارم تان جدوجهد ڪندي شهادت ماڻي 33 سال گذري وڃڻ باوجود به ماڻهن جي دل ۾ سمايل آهي

نئون ڪوٽ (رپورٽر) شهيد عبدالرحمان لاشاري پنهنجي جوانيءَ جا حسين ڏينهن سنڌي قوم لاءِ جدوجهد ڪندي گذاريا هو شاگرد جدوجهد جو عظيم هيرو هو جنهن کي 1990 ۾ حيدرآباد جي دهشتگردن شهيد ڪري ڇڏيو. اهڙن هيرن تي اسان کي فخر آهي هو 33 سال گذرڻ کان پوءِ به عوام جي دلين ۾ زنده آهي. اهڙن خيالن جو اظهار شهيد عبدالرحمان لاشاري جي 33 ورسي جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نئون ڪوٽ: عوامي تحريڪ اڳواڻ شهيد عبدالرحمان لاشاري کي مزار تي گل نچاور ڪري رهيا آهن

جهڏو ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران وڻڪاري مهر شروع، 2 هزار پوتا لڳايا ويا

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران وڻڪاري مهر شروع ڪئي وئي، مختلف هنڌن تي 2 هزار پوتا لڳايا ويا، اسسٽنٽ ڪمشنر جهڏو ريحان ڏيتر، مختيار ڪار ميرمظهر ٽالپر پاران شهر ۾ وڻڪاري مهر جي شروعات ڪئي وئي جنهن دوران شهر جي مختلف هنڌن روينيو آفس، ملي ميرپورخاص مين روڊ، جهڏو پوليس اسٽيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٽيڪساس ۾ ثقافتي ڏاڻو "سنڌي ڪلچرل ڊي" قومي ڏينهن طور ملهائڻ جو قرارداد منظور

تاريخ ۾ پهريون پيرو سنڌي ثقافت کي سرڪاري طور تي ملهائڻ جي درخواست منظور ڪئي وئي

ثقافت جي ڏاڻي "ڪلچرل ڊي" کي سرڪاري طور تي ٽيڪساز جي رياست پاران تسليم ڪيو ويو آهي

قرارداد جي منظوري ڪانپوءِ هاڻ ٽيڪساز رياست ۾ سنڌي ثقافتي ڏاڻو سرڪاري ڏينهن طور ملهايو ويندو

سڪر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) آمريڪي رياست ٽيڪساس ۾ ثقافتي ڏاڻو "سنڌي ڪلچرل ڊي" قومي ڏينهن طور ملهائڻ جو قرارداد منظور، خبرموجب آمريڪي رياست ٽيڪساز جي گادي واري هنڌ آسٽن جي ٽيڪساز اسٽيٽ ڪيپيٽل عمارت ۾ آمريڪا جي تاريخ ۾ پهريون پيرو سنڌي ثقافت کي سرڪاري طور تي ملهائڻ جي درخواست منظور ڪئي وئي آهي. اڄ اتر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سکر ڪمبي جي شدت ۾ اضافو، انتظاميا پاران روڊ رستن تي ڪئمپ قائم

شدت ۾ واڌ ڪانپوءِ انتظاميه مختلف هنڌن تي هيٺ اسٽروڪ ڪيئمپ قائم ڪري ڇڏيا

متصد ماڻهن کي هيٺ اسٽروڪ کان بچائڻ ۽ هر ممڪن رليف فراهم ڪرڻ آهي: سکر انتظاميه

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ گرمي جي شدت ۾ اضافو، انتظاميا پاران روڊ رستن تي هيٺ اسٽروڪ ڪيئمپ قائم ڪري ڇڏيا، رستن تي هيٺ اسٽروڪ ڪيئمپ قائم ڪيل ويون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڳهاڙو ۾ واٽر بورڊ نالي ۾ ڪراچي واسي نوحوان حمزه مغل ٻڏي فوت ٿي ويو

واٽر بورڊ نالي ۾ گلشن حديد ڪراچي واسي نوحوان 23 سالا حمزه مغل ٻڏي ويو

ڪراچي کان ڪينجهر گهمڻ ايندڙ ماڻهو ڪيترائي پيرا ٻڏي فوت ٿيا آهن: ذريعا

ڳهاڙو (بشام جوڪيو) واٽر بورڊ نالي ۾ ڪراچي واسي نوحوان 23 سالا حمزه مغل ٻڏي فوت ٿي ويو، تفصيل موجب ڳهاڙو لڳ واٽر بورڊ نالي ۾ گلشن حديد ڪراچي واسي نوحوان 23 سالا حمزه مغل ٻڏي ويو جنهن جي لاش جي تلاش جاري ضلعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

رتيديري ۾ "پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ" سري هيٺ تعليمي مذاڪرو

حسن پور اسڪول ۾ شاندار تقريب: تعليم جي اهميت ۽ افاديت کي اجاگر ڪيو ويو

مزاحمتي شاعر ساقي ابڙو سرڪاري اسڪولن ۾ بهترين تعليمي ماحول آهي: هيڊ ماسٽر

نٿون ديرو (رپورٽ:شاد محمود پٽو) رتيديري ۾ "پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ" سري هيٺ تعليمي مذاڪرو: استادن ۽ شاگردن جي پرپور شرڪت: پالڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نٿون ديرو: "پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ" جي سري هيٺ ڪوڊايل تقريب جو ڏيک

ڪنڊرا پوليس جو ڏوهارين سان ٿيندڙ مقابلو، هڪ ڏوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار

زخمي جي سجاڻپ سهراب پنيرو طور ٿي آهي زخمي کي طبي امداد لاءِ اسپتال نيو ويو

قبضي مان ٽي ٽي پستل ۽ گولين ڀرڻ هٿ ڪيون ويون آهن، جاچ ڪري رهيا آهيون: عملدار

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) ڪنڊرا پوليس جو ڏوهارين سان ٿيندڙ مقابلو، هڪ ڏوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار، سائي فرار هٿيار هٽ ڪري زخمي جي سنجاڻپ سهراب پنيرو طور زخمي کي طبي امداد لاءِ سول اسپتال سکر داخل ڪرايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سرتيون سنگ هنري نمائش 5 جون کان ڪراچي جي ڊولمن مال ۾ منعقد ڪئي ويندي

سنگ هنري نمائش 5 جون کان 8 جون 2023 تائين ڪراچي جي ڊولمن مال ۾ منعقد ٿيندي

هنر خاص ڪري دستڪاري، پرت، رلين ۽ ثقافتي ويس وڳن جا مختلف نمونا پيش ڪيا ويندا

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر) 13 هين سرتيون سنگ هنري نمائش 5 جون کان ڪراچي جي ڊولمن مال ۾ منعقد ڪئي ويندي سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران 13 هين سرتيون سنگ هنري نمائش 5 جون کان ڪراچي جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪراچي: سماجي تنظير پاران ڪوڊايل هنري نمائش جو ڏيک

واهه شاخون وارا بندي سبب 30 مئي کان 13 جون تائين بند رهندڙ ويون: عملدار

30 مئي کان 6 جون صبح جو 6 وڳي تائين سن مائنر، منهڙو مائنر، ملواهه ڊسٽري بند رهندا

پيجو مائنر، ڪڏهر ڊسٽري، لکمير مائنر، جام ڏاهري مائنر، سڪرنڊ ڊسٽري ۽ چوٽي ريڻ بند رهندا

نوابشاهه (رپورٽر) ايگزيڪيوٽو انجنيئر داد ڊويزن شهيد بينظيرآباد پنهنجي جاري ڪيل پڌرائي مرڃائيو آهي ته سنڌو درياءَ ۾ روهڙي ڪٽنل ۽ پاڻي جي ڪوٽ سبب داد ڊويزن مان نڪرندڙ مختلف واهه شاخون وارا بندي سبب 30 مئي کان 13 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪنڊڪوٽ ۾ مرزا پور مان اغوا ٿيل 3 سالن جي ٻارڙي جي بازيابي لاءِ احتجاج

نشڪام يوٽ فورم گهوٽڪي پاران سمرت ڪمار جي بازيابي لاءِ مظاهرو ڪيو ويو

پوج هندو پٽنجائت ۽ سياسي سماجي ڏرين ۽ استادن شاگردن ۽ شهر واسين شرڪت ڪئي

گهوٽڪي (رپورٽر) ڪنڊڪوٽ مرزا پور مان اغوا ٿيل 3 سالن جو معصوم ٻار گهوٽڪي شهر ۾ نشڪام يوٽ فورم گهوٽڪي پاران سمرت ڪمار جي بازيابي لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ پوج هندو پٽنجائت ۽ سياسي سماجي ڏرين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪنڊڪوٽ مان اغوا ٿيل معصوم نينگر ثمرت ڪمار جي بازيابي لاءِ وارهه ۾ احتجاج

سوشل فورم وارهه طرفان جيڪال ڪلهوڙو، عابد چانڊيو، عبدالوحيد سمون جي اڳواڻي ۾ ريلي

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه ڪنڊڪوٽ مان اغوا ٿيل معصوم ٽينگر ثمرت ڪمار جي بازيابي لاءِ سوشل فورم وارهه طرفان جيڪال ڪلهوڙو، عابد چانڊيو، عبدالوحيد سمون، نيازڇٽو جي اڳواڻي احتجاجي ريلي ڪڍي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

وارهه: ڪنڊڪوٽ مان اغوائي ويل ثمرت ڪمار جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

شهداد ڪوٽ ۾ شهري جدوجهد ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو

قسط جي رقم جاري نه ڪرڻ واري عمل خلاف هٽن ۾ بينرز ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاج ڪيو ويو

شهري جدوجهد اڳواڻن ڪامريڊ نصير سيلرو، رفيق ڪوسو، وقار چانڊيو، عامر ڪمبوهه ۽ ٻين مظاهرو ڪيو

هاڻي وري 75 هزار روپيا ڦهاڻ لاءِ انڪل ڪري سرسو ڏريعي ٻيهر سروي ڪئي وڃي ٿي: مظاهرين جون ڳالهيون

شهدادڪوٽ(شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ شهري جدوجهد ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي پوڙ متاثرن جي پوڙ دوران گهر گهر سروي جي بهرين قسط جي رقم جاري نه ڪرڻ واري عمل خلاف هٽن ۾ بينرز ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

- سپلا ٽرپارڪر ۽ سپلا جي مختلف يونٽس جي گڏجاڻي، اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

ملي (رپورٽر) سپلا ضلع ٽرپارڪر ، سپلا جي مختلف يونٽس جي هڪ گڏجاڻي سپلا جي ضلع صدر پروفيسر ڪپيل ديو جي صدارت ۾ گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ملي ۾ ٿي گذري جنهن ۾ سپلا جي عهديدارن پروفيسر ويلجي سنگ سوڍو ،پروفيسر محمد انور جوٽيجو ،ڪشور ڀالاڻي ،پروفيسر ويرچند ،پروفيسر رويش گوماڻي . /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

شهدادڪوٽ: شهري جدوجهد ايڪشن ڪاميٽي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سينيٽر سسئي پليجو ٿٽي ۾ پاڻي جي وڏندڙ ڪوٽ تي ڳڻتي جو جوا ظهار ڪري ڇڏيو

زراعت لاءِ پاڻي جي ڪوٽ آهي پر پيئڻ لاءِ پاڻي شهرن ۾ به اٽلب ٽي ويو آهي: سسئي پليجو

ٿٽي ضلعي کي پاڻي ڏنو وڃي ۽ ساحلي پٽي ۾ عام ماڻهو کي پاڻي مهيا ڪيو وڃي: ڳالهيون

سجاول (وي ب پ جي اڳواڻ سينيٽر سسئي پليجو ضلعي ٿٽي ۾ پاڻي جي وڏندڙ ڪوٽ تي ڳڻتي جو جوا ظهار ڪندي چيو آهي ته پاڻي جي شديد چوٽ جي ڪري سنڌ ۾ هر خاص طورتي ٿٽي ۾ زراعت لاءِ پاڻي جي ڪوٽ آهي پر پيئڻ لاءِ پاڻي شهرن ۾ به اٽلب ٽي ويو آهي. سنڌ ايريگيشن کي ان بابت فورن قدم کڻڻ گهرجن. عوام احتجاج ۾ آهي. ڪرٽوي کان هيٺ جيترو ب پاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

